سان سندن خوشين ۾ تازگي پيدا ٿئي ۽ انهيءَ صلوٰة سان قيامت تائين

بَعْثُهٗ وَنُشُوْرُهٗ فَصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى

سندن شان زياده ٿئي. پوءِ الله تعالىٰ پاڻ ڪرمين تي ۽ سندن اولاد

اٰلِهِ الْاَنْجُمِ الطَّوَالِعِ صَلٰوةً تَجُوْدُ عَلَيْهِمْ

تي جيڪي چمڪندڙ ستارا آهن، اهڙي صلوٰة موڪلي رهيو آهي

اَجْوَدَ الْغُيُوْثِ الْهَوَامِعِ اَرْسَلَهٗ مِنْ اَرْجَحِ

جيڪا تيز بارش کان به زياده آهي، اها صلوٰة الله تعالىٰ اُن رسول تي موڪلي ٿو

الْعَرَبِ مِيْزَانًا وَّاَوْضَحِهَا بَيَانًا وَّ

جيڪو هر لحاظ کان سڀني عربن کان افضل آهي ۽ سندن گفتگو انهن کان واضح آهي

اَفْصَحِهَا لِسَانًا وَّاَشْمَخِهَا اِيْمَانًا وَّاَعْلٰهَا

۽ پاڻ زبان جا فصيح ۽ بليغ آهن ۽ سندن يقين صادق آهي ۽ سندن درجو

مَقَامًا وَّاَحْلَاهَا كَلَامًا وَّاَوْفَاهَا ذِمَامًا

نهايت بلند آهي ۽ سندن ڪلام شيرين آهي ۽ پاڻ وڏي شان وارا آهن

وَّاَصْفَاهَا رِغَامًا ۝ فَاَوْضَحَ الطَّرِيْقَةَ وَ

۽ پاڻ حسب نسب ۾ سڀني کان اعليٰ آهن. ۽ پاڻ ڪريمن رستي کي ظاهر ڪيو ۽

نَصَحَ الْخَلِيْقَةَ وَشَهَّرَ الْاِسْلَامَ وَكَسَّرَ

مخلوق کي هدايت ڪئي ۽ اسلام کي مشهور ڪيو ۽ بُتن کي

الْاَصْنَامَ وَاَظْهَرَ الْاَحْكَامَ وَحَظَرَ الْحَرَامَ

ڀڳو ۽ (شرعي) حڪمن کي جاري ڪيو ۽ حرام شين کان منع ڪئي

وَعَمَّ بِالْاِنْعَامِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اٰلِهٖ

۽ نعمتن کي عام ڪيو. اللّٰه تعاليٰ پاڻ ڪريمن ۽ سندن اولاد تي هر

فِيْ كُلِّ مَحْفِلٍ وَّمَقَامٍ اَفْضَلَ الصَّلٰوةِ وَ

مجلس ۽ هر جاءِ تي بهترين صلوٰة ۽ سلام

السَّلَامِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اٰلِهٖ عَوْدًا وَّ

موڪلي رهيو آهي. اللّٰه تعاليٰ پاڻ ڪريمن ۽ سندن اولاد تي اول ۽ آخر ۾ صلوٰة

بَدْءًا ۝ صَلٰوةً تَكُوْنُ ذَخِيْرَةً وَّوِرْدًا صَلّٰى

موڪلي رهيو آهي. اهڙا صلوٰة جيڪا ذخيرو ۽ وظيفو ٿئي. اللّٰه تعاليٰ

اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اٰلِهٖ صَلٰوةً تَامَّةً زَاكِيَةً

پاڻ ڪريمن ۽ سندن اولاد تي اهڙا صلوٰة موڪلي رهيو آهي جيڪا ڪامل ۽ شفاف آهي

وَصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اٰلِهٖ صَلٰوةً يَتْبَعُهَا

۽ الله تعالىٰ پاڻ ڪريمن ۽ سندن اولاد تي اهڙا صلوٰة موڪلي رهيو آهي جنهن ۾ رحمت

رَوْحٌ وَّرَيْحَانٌ وَّيَعْقُبُهَا مَغْفِرَةٌ وَّرِضْوَانٌ ۝

۽ خوشبوءِ آهي ۽ انهي آخر ۾ بخشش ۽ رضا مندي آهي ۔

وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰٓى اَفْضَلِ مَنْ طَابَ مِنْهُ

۽ الله تعالىٰ ان پيغمبر تي صلوٰة موڪلي رهيو آهي جنهن جو حسب ۽ نسب

النِّجَارُ وَسَمَا بِهِ الْفَخَارُ وَاسْتَنَارَتْ

پاڪ آهي ۽ سندن اخلاق طيبه پاڪ آهن ۽ سندن پيشاني مبارڪ

بِنُوْرِ جَبِيْنِهِ الْاَقْمَارُ ۝ وَتَضَاءَلَتْ عِنْدَ

جي نور سان چنڊ چمڪيا ۔ ۽ سندن سخاوت ۽ ڪرم جي اڳيان

جُوْدِ يَمِيْنِهِ الْغَمَآئِمُ وَالْبِحَارُ سَيِّدِنَا وَ

ڪڪر ۽ درياء شرمندا آهن ، پاڻ ڪريما سان جا سردار ۽

وَنَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ الَّذِىْ بِبَاهِرِ اٰيَاتِهٖ

اسان جا نبي آهن سندن نالو مبارڪ محمد ﷺ ڪريم آهي، پاڻ ڪريمن جو ظاهري نشانين سان

أَضَاءَتِ الْأَنْجَادُ وَالْأَغْوَارُ وَبِمُعْجِزَاتِ

زمين جون مٿاهيون ۽ هيٺاهيون روشن ٿي ويون ۽ سندن معجزن جو

اٰيَاتِهٖ نَطَقَ الْكُتُبُ وَتَوَاتَرَتِ الْأَخْبَارُ

بيان قرآن ڪريم ڪري ٿو ۽ اُن باري ۾ مسلسل حديثون اچن ٿيون

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ

الله تعالىٰ پاڻ ڪريمن ۽ سندن اولاد ۽ اصحابن تي صلوٰة موڪلي رهيو آهي

الَّذِيْنَ هَاجَرُوْا لِنُصْرَتِهٖ وَنَصَرُوْهُ فِيْ

اُهي اصحابي جن هجرت ڪئي پاڻ ڪريمن جي مدد لاءِ ۽ سندن هجرت ڪان پوءِ

هِجْرَتِهٖ فَنِعْمَ الْمُهَاجِرُوْنَ وَنِعْمَ الْاَنْصَارُ

مديني وارن سندن مدد ڪئي پوءِ مهاجر ۽ انصار سڀئي بهترين انسان آهن

صَلٰوةً نَامِيَةً دَائِمَةً مَّا سَجَعَتْ فِيْ

اُها صلوٰة موڪل جيڪا پوري ۽ دائمي هجي جيستائين پکي جهنگلن ۾

اَيْكِهَا الْاَطْيَارُ وَهَمَعَتْ بِوَبْلِهَا الدِّيْمَةُ

بوليون ۽ جيستائين بارشون زور سان وسن

الْمِدْرَارُ ضَاعَفَ اللهُ عَلَيْهِ دَائِمَ صَلَوَاتِهٖ

اُن ڪمان به زياده هميشه هميشه صلوٰتون پهچن پاڻ ڪريمن تي

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ

اي منهنجا الله تون صلوٰة موڪل اسان جي سردار محمد ڪريم ﷺ تي ۽ سندن اولاد

الطَّيِّبِيْنَ الْكِرَامِ صَلٰوةً مَّوْصُوْلَةً دَآئِمَةً

پاڪ تي جيڪي معزز آهن اهڙا صلوٰة جيڪا هميشه هميشه ڪين پهچي

الْاِتِّصَالِ بِدَوَامِ ذِي الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ ○

تنهنجي وجود مقدس جي دائم هجڻ سان ياذالجلال والاكرام

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ۣالَّذِيْ

اي منهنجا الله تون صلوٰة موڪل اسان جي سردار محمد ڪريم تي جيڪي

هُوَ قُطْبُ الْجَلَالَةِ وَشَمْسُ النُّبُوَّةِ وَالرِّسَالَةِ

جلالت جا قطب آهن ۽ نبوت ۽ رسالت جا سج آهن

وَالْهَادِيْ مِنَ الضَّلَالَةِ وَالْمُنْقِذُ مِنَ

۽ ماڻهن کي گمراهيءَ کان هدايت ڏيندڙ آهن ۽ ڪين جهالت کان

الْجَهَالَةِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ صَلٰوةً

بچائيندڙ آهن صلى الله عليه وآله وسلم اهڙا صلوٰة موڪل

دَآئِمَةَ الْاِتِّصَالِ وَالتَّوَالِيْ مُتَعَاقِبَةً

جيڪا هميشه ۽ لاڳيتي پهچي جيئن رات ۽ ڏينهن

بِتَعَاقُبِ الْاَيَّامِ وَاللَّيَالِيْ ○

مٿ ڏينهن جي بدلجڻ اچڻ ٿا.

اَلْحِزْبُ الثَّامِنُ

حصو اٺون

حصو اٺون حصي ستين سان ملائي خميس ڏينهن دعاءِ اختتام تائين پڙهڻ کان پوءِ ختم ٿيو وڃي

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ

اي منهنجا الله تون صلوٰة موڪل اسان جي سردار محمد ڪريم نبي تي جيڪي دنيا سان رغبت

الزَّاهِدِ رَسُوْلِ الْمَلِكِ الصَّمَدِ الْوَاحِدِ صَلَّى

نه رکندڙ نبي آهن ۽ پاڪ ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم

اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ صَلٰوةً دَائِمَةً اِلٰى مُنْتَهَى

الله جا سچا رسول آهن. اي الله تون اهڙا صلوٰة موڪل جيڪا هميشه هجي پڇاڙي تائين هجي

الْاَبَدِ بِلَا انْقِطَاعٍ وَّلَا نَفَادٍ صَلٰوةً

۽ اها دائمي هجي ۽ منقطع ۽ ختم ٿيندڙ نه هجي. اها صلوٰة جي حضرت

تُنْجِيْنَا بِهَا مِنْ حَرِّ جَهَنَّمَ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ○

تون اسان کي جهنم جي باهه کان بچائين ۽ جهنم تمام خراب جاءِ آهي .

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ۣ النَّبِيِّ

اي منهنجا الله تون صلواة ۽ سلام موڪل اسانجي سردار محمد ڪريم تي جيڪي ساري ڪائنات

الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ صَلٰوةً لَّا يُحْصٰى لَهَا

جا اصل آهن ۽ سندن اولاد تي، اهڙا صلواة موڪل جنهن جو ڪو به مقرر تعداد

عَدَدٌ وَّلَا يُعَدُّ لَهَا مَدَدٌ ۝ اَللّٰهُمَّ صَلِّ

نه هجي ۽ جنهن جو ڪو تخمينو نه هجي. اي منهنجا الله تون صلواة موڪل

عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلٰوةً تُكْرِمُ بِهَا مَثْوَاهُ

اسان جي سردار محمد ڪريم تي اهڙا صلواة جنهن سان سندن ٺڪاڻو ايمان زياده ٿئي

وَتُبَلِّغُ بِهَا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مِنَ الشَّفَاعَةِ رِضَاهُ ۝

۽ تون انهن صلواة سان قيامت جي ڏينهن راضي ٿي ۽ پاڪ محبوبن کي شفاعت ڪبري عطا ڪر.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ۣ النَّبِيِّ

اي منهنجا الله تون صلواة موڪل اسان جي سردار محمد ڪريم تي جيڪي حسب نسب

الْاَصِيْلِ السَّيِّدِ النَّبِيْلِ الَّذِيْ جَآءَ بِالْوَحْيِ

وارا ني آهن ۽ پاڻ وڏا ۽ سردار آهن جن جي هٿان وحي رباني

وَالتَّنْزِيْلِ وَاَوْضَحَ بَيَانَ التَّاْوِيْلِ وَجَآءَهُ

نازل ٿي ۽ پاڻ ڪريمن انهن وحيءَ جي وضاحت فرمائي ۽ پاڻ ڪريمن

الْأَمِينُ سَيِّدُنَا جِبْرِيلُ عَلَيْهِ السَّلَامُ بِالْكَرَامَةِ

وقت تعظيم ۽ تڪريم سان حضرت جبرئيل

وَالتَّفْضِيلِ وَأَسْرٰى بِهِ الْمَلِكُ الْجَلِيلُ فِي

عليه السلام آيو ۽ پاڻ ڪريمن کي الله تعالىٰ هڪ وڏي طويل

اللَّيْلِ الْبَهِيمِ الطَّوِيلِ فَكَشَفَ لَهُ عَنْ أَعْلَى

رات ۾ جسماني معراج ڪرايو، ۽ الله تعالىٰ پاڻ ڪريمن کي پنهنجي

الْمَلَكُوتِ وَأَرَاهُ سَنَاءَ الْجَبَرُوتِ وَنَظَرَ إِلٰى

مخلوق جو مشاهدو ڪرايو ۽ ڪين جبروت جي چمڪ ڏيکاري ۽ پاڻ ڪريمن جسماني اکين سان

قُدْرَةِ الْحَيِّ الدَّائِمِ الْبَاقِي الَّذِي لَا يَمُوتُ ۝ صَلَّى اللهُ

روبرو الله تعالىٰ جو ديدار ڪيو ۽ ان مقدس ذات کي فنا ناهي. الله تعالىٰ پاڻ

عَلَيْهِ وَسَلَّمَ صَلَاةً مَقْرُونَةً بِالْجَمَالِ وَالْحُسْنِ وَ

ڪريمن تي اهڙا صلوٰة ۽ سلام موڪلي رهيو آهي، جنهن ۾ خوبصورتي ۽ حسن ۽

الْكَمَالِ وَالْخَيْرِ وَالْإِفْضَالِ ۝ اللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا

ڪمال ۽ خير ۽ ڀلائي آهي. اي منهنجا الله تون صلوٰة موڪل اسان جي سردار

مُحَمَّدٍ وَعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ الْأَقْطَارِ وَصَلِّ

محمد ڪريم تي ۽ اسان جي سردار محمد ڪريم جي اولاد تي مينهن جي قطرن جيتري، ۽ تون صلوٰة

عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ

موڪل اسان جي سردار محمد ڪريم تي ۽ اسان جي سردار محمد ڪريم جي اولاد تي

عَدَدَ وَرَقِ الْاَشْجَارِ ۝ وَصَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ

وڻن جي پنن جيترو. ۽ تون صلوٰة موڪل اسان جي سردار محمد ڪريم تي

وَّعَلٰٓى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ زَبَدِ الْبِحَارِ ۝

۽ اسان جي سردار محمد ڪريم جي اولاد تي سمنڊ جي گجيءَ جيتري.

وَصَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓى اٰلِ سَيِّدِنَا

۽ تون صلوٰة موڪل اسان جي سردار محمد ڪريم تي ۽ اسان جي سردار محمد ڪريم جي

مُحَمَّدٍ عَدَدَ الْاَنْهَارِ ۝ وَصَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا

اولاد تي نهرن جيتري. ۽ تون صلوٰة موڪل اسان جي سردار

مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ رَمْلِ

محمد ڪريم تي ۽ اسان جي سردار محمد ڪريم جي اولاد تي ريگستان جي واريءَ

الصَّحَارٰى وَالْقِفَارِ ۝ وَصَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا

جي ذرڙن جيتري. ۽ تون صلوٰة موڪل اسان جي سردار

مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ ثِقْلِ

محمد ڪريم تي ۽ اسان جي سردار محمد ڪريم جي اولاد تي جبلن ۽

الْجِبَالِ وَالْأَحْجَارِ ۝ وَصَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ

بشرن جيتري. ۽ تون صلوٰة موڪل اسان جي سردار محمد ڪريم تي

وَعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ اَهْلِ الْجَنَّةِ وَ

۽ اسان جي سردار محمد ڪريم جي اولاد تي جنتين جيترين ۽

اَهْلِ النَّارِ ۝ وَصَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ

دوزخين جيترين. ۽ تون صلوٰة موڪل اسانجي سردار محمد ڪريم تي ۽ اسانجي سردار

سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ الْاَبْرَارِ وَالْفُجَّارِ ۝ وَصَلِّ

محمد ڪريم جي اولاد تي نيڪوڪارن ۽ بدڪارن جيترين. ۽ تون صلوٰة موڪل

عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ

اسان جي سردار محمد ڪريم تي ۽ اسان جي سردار محمد ڪريم جي اولاد تي

عَدَدَ مَا يَخْتَلِفُ بِهِ الَّيْلُ وَالنَّهَارُ ۝ وَاجْعَلِ

جيترا ڏينهن ۽ رات تبديل ٿين ٿا. اي منهنجا الله تون

اللّٰهُمَّ صَلَاتَنَا عَلَيْهِ حِجَابًا مِّنْ عَذَابِ

رسول عربي تي صلوٰة پڙهڻ جي ڪري اسان کي جهنم جي عذاب کان

النَّارِ وَسَبَبًا لِّاِبَاحَةِ دَارِ الْقَرَارِ اِنَّكَ اَنْتَ

محفوظ رک ۽ انهي صلوٰة جي ڪري اسان کي بهشت ۾ داخل ڪر بيشڪ تون غالب

اَلْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ ○ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ

بخشيندڙ آهين. ۽ تون صلوٰة موڪل اسان جي سردار محمد ڪريم تي

وَّعَلٰٓى اٰلِهِ الطَّيِّبِيْنَ وَذُرِّيَّتِهِ الْمُبَارَكِيْنَ

۽ سندن پاڪ آل تي ۽ سندن مبارڪ اولاد تي

وَصَحَابَتِهِ الْاَكْرَمِيْنَ وَاَزْوَاجِهٖٓ اُمَّهَاتِ

۽ معزز اصحابن تي ۽ سندن پاڪ بيبين تي جيڪي مؤمنن جون

الْمُؤْمِنِيْنَ صَلٰوةً مَّوْصُوْلَةً تَتَرَدَّدُ اِلٰى

مائرون آهن، اهڙا صلوٰة هجي جيڪا لاڳيتي ۽ قيامت تائين

يَوْمِ الدِّيْنِ ○ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِ

مستقل هجي. اي منهنجا الله تون صلوٰة موڪل ڀلارن جي

الْاَبْرَارِ وَزَيْنِ الْمُرْسَلِيْنَ الْاَخْيَارِ وَاَكْرَمِ

سردار تي ۽ رسولن جي اڳواڻ تي ۽ ان نبي تي جنهن کان

مَنْ اَظْلَمَ عَلَيْهِ اللَّيْلُ وَاَشْرَقَ عَلَيْهِ النَّهَارُ ○

وڌيڪ معزز نبي تي نه رات گذري هجي ۽ نه ان تي ڏينهن روشن ٿيو هجي.

ثَلٰثًا ○ اَللّٰهُمَّ يَا ذَا الْمَنِّ الَّذِيْ لَا يُكَافٰى

ٽي ڀيرا (هي لفظ ٽي دفعا چوي): اي منهنجا الله تون احسان ڪندڙ آهين ۽ تنهنجي احسان کي

امْتِنَانُهٗ وَالطَّوْلِ الَّذِيْ لَا يُجَازٰى اِنْعَامُهٗ

ڪيرب مَنَّا ڀي ڌڻي ڏي ۽ تون اهڙو بخشش ڪندڙ آهين جو تنهنجي بخشش

وَاِحْسَانُهٗ نَسْئَلُكَ بِكَ وَلَا نَسْئَلُكَ بِاَحَدٍ

ڪي ڪير به مَنَّا ڀي ڌڻي ڏي، آسين توکان سوال ڪريان ٿو ۽ توکان علاوه ڪنهن کان

غَيْرِكَ اَنْ تُطْلِقَ اَلْسِنَتَنَا عِنْدَ السُّؤَالِ وَ

به سوال نٿو ڪريان ته تون مون کي قبر ۾ سوال وقت جواب ڏيڻ جي توفيق عطا ڪر ۽

تُوَفِّقَنَا لِصَالِحِ الْاَعْمَالِ وَتَجْعَلَنَا مِنَ

۽ تون مونکي (دنيا ۾) نيڪ عمل جي توفيق عطا ڪر ۽ تون مون کي يا الله

الْاٰمِنِيْنَ يَوْمَ الرَّجْفِ وَالزَّلَازِلِ يَا ذَا الْعِزَّةِ

قيامت جي ڏينهن امن و امان وارن ماڻهن مان

وَالْجَلَالِ ۝ اَسْئَلُكَ يَا نُوْرَ النُّوْرِ قَبْلَ الْاَزْمِنَةِ

ڪر ۝ آئون توکان سوال ڪريان ٿو اي الله تون زمانن ۽ وقتن

وَالدُّهُوْرِ ۝ اَنْتَ الْبَاقِيْ بِلَا زَوَالٍ ن الْغَنِيُّ

کان اڳ ۾ موجود هئين. تون هميشه آهين توکي زوال ناهي تون بي مثال

بِلَا مِثَالٍ ن الْقُدُّوْسُ الطَّاهِرُ الْعَلِيُّ الْقَاهِرُ

غني آهين تون مقدس، پاڪ، مٿاهون ۽ قدرت وارو آهين

اَلَّذِىْ لَا يُحِيْطُ بِهٖ مَكَانٌ وَّلَا يَشْتَمِلُ عَلَيْهِ

تنهنجي وجود کي ڪا به جاءِ احاطو نٿي ڪري ۽ تو کي ڪو به زمانو

زَمَانٌ ○ اَسْئَلُكَ بِاَسْمَآئِكَ الْحُسْنٰى كُلِّهَا

ڍڪي نٿو سگهي. آئون تو کان تنهنجن سڀني سهڻن نالن جي طفيلي ۽

وَبِاَعْظَمِ اَسْمَآئِكَ اِلَيْكَ وَاَشْرَفِهَا عِنْدَكَ

اسمِ اعظم جي طفيلي دُعا گهران ٿو ۽ معزز ۽ مڪرم

مَنْزِلَةً وَّاَجْزَلِهَا عِنْدَكَ ثَوَابًا وَّاَسْرَعِهَا

نالن جي طفيلي دُعا گهُران ٿو جن جو ثواب تو وٽ گهڻو آهي ۽ تون

مِنْكَ اِجَابَةً وَّبِاسْمِكَ الْمَخْزُوْنِ الْمَكْنُوْنِ

فورًا دُعا قبول ڪرين ٿو ۽ اُن ڳجهي ۽ راز واري

اَلْجَلِيْلِ الْاَجَلِّ الْكَبِيْرِ الْاَكْبَرِ الْعَظِيْمِ الْاَعْظَمِ

۽ شان واري ۽ تمام وڏي نالي جي طفيلي دُعا گهُران ٿو جيڪو

اَلَّذِىْ تُحِبُّهٗ وَتَرْضٰى عَمَّنْ دَعَاكَ بِهٖ وَ

نهايت وڏو آهي جنهن ڪان تون راضي آهين ۽ جيڪو ماڻهو تو کان دُعا گهري ٿو ان کي تون راضي

تَسْتَجِيْبُ لَهٗ دُعَآءَهٗ ○ اَسْئَلُكَ اللّٰهُمَّ بِلَا

ڪري ان جي دُعائون قبول ڪرين ٿو. يا الله آئون تو کان سوال ڪريان ٿو ته

إِلٰهَ إِلَّا أَنْتَ الْحَنَّانُ الْمَنَّانُ بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ

ڪوبه معبود تو کان سواءِ ناهي ۽ تون وڏو مهربان نعمت ڏيندڙ آسمانن ۽

وَالْأَرْضِ ذُو الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ

زمين کي نئين سر پيدا ڪندڙ آهين ۽ تون وڏي جاه ۽ جلال وارو آهين ۽ تون غيب ۽ حاضر

الشَّهَادَةِ الْكَبِيْرُ الْمُتَعَالِ ۝ وَأَسْأَلُكَ بِاسْمِكَ الْعَظِيْمِ

کي ڄاڻندڙ رب آهين. ۽ آئون توکان انهن اسماءِ اعظم جي وسيلي سان

الْأَعْظَمِ الَّذِيْٓ إِذَا دُعِيْتَ بِهٖٓ أَجَبْتَ وَإِذَا

دُعا گهران ٿو جنهن جي وسيلي سان تون دُعائون قبول ڪرين ٿو ۽ سوال

سُئِلْتَ بِهٖٓ أَعْطَيْتَ وَأَسْأَلُكَ بِاسْمِكَ الَّذِيْ

منظور ڪرين ٿو ۽ آئون توکان انهن اسماءِ اعظم جي وسيلي سان دُعا

يَذِلُّ لِعَظَمَتِهِ الْعُظَمَآءُ وَالْمُلُوْكُ وَالسِّبَاعُ

گهران ٿو جنهن جي عظمت اڳيان وڏا ماڻهو ۽ بادشاهه ۽ خونخوار جانور

وَالْهَوَآمُّ وَكُلُّ شَيْءٍ خَلَقْتَهٗ يَآ اَللّٰهُ يَا رَبِّ

۽ زمين جا ڪيڙا ماڪوڙا ۽ تنهنجي سموري مخلوق عاجز ٿئي ٿي يا الله يا رب

اسْتَجِبْ دَعْوَتِيْ يَا مَنْ لَّهُ الْعِزَّةُ وَالْجَبَرُوْتُ

تون منهنجي دُعا قبول فرماءِ. اي الله مقدس هستي جنهن کي وڏي وڏائي ۽ قدرت

يَا ذَا الْمُلْكِ وَالْمَلَكُوْتِ يَا مَنْ هُوَ حَيٌّ لَّا

آهي اي وڏي ملڪ ۽ بادشاهي وارا ، اي اهڙا مقدس هستي جيڪا

يَمُوْتُ سُبْحَانَكَ رَبِّ مَا اَعْظَمَ شَانُكَ

هميشه هميشه زنده آهي، اي منهجا رب آئون تنهنجي تسبيح پڙهان ٿو، تنهنجي ڪيڏي وڏ

وَاَرْفَعَ مَكَانُكَ اَنْتَ رَبِّيْ يَا مُتَقَدِّسًا فِيْ

عظيم شان ۽ اعلىٰ مڪان آهي توُن منهنجو رب آهين، اي پنهنجي قدرت ۾

جَبَرُوْتِهٖ اِلَيْكَ اَرْغَبُ وَاِيَّاكَ اَرْهَبُ يَا عَظِيْمُ يَا

مقدس هستي، توسان آئون محبت رکان ٿو ۽ توکان آئون ڊڄان ٿو يا عظيم يا

كَبِيْرُ يَا جَبَّارُ يَا قَادِرُ يَا قَوِيُّ تَبَارَكْتَ يَا عَظِيْمُ

ڪبير يا جبار يا قادر يا قوي اي الله توُن وڏي برڪت وارو آهين

تَعَالَيْتَ يَا عَلِيْمُ سُبْحَانَكَ يَا عَظِيْمُ

اي الله توُن نهايت بلند آهين، يا الله آئون تنهنجي تسبيح پڙهان ٿو

سُبْحَانَكَ يَا جَلِيْلُ اَسْئَلُكَ بِاسْمِكَ الْعَظِيْمِ

يا الله آئون تنهنجي تسبيح پڙهان ٿو ۽ آئون تو کان اسم اعظم

التَّامِّ الْكَبِيْرِ اَنْ لَا تُسَلِّطَ عَلَيْنَا جَبَّارًا

جي مڪمل ۽ وڏي نالي جي وسيلي سان سوال ڪريان ٿو ته توُن اسان تي مٿان

عَنِيْدًا وَّلَا شَيْطَانًا مَّرِيْدًا وَّلَا اِنْسَانًا

ڪنهن ظالم ۽ ڪنهن شيطان

حَسُوْدًا وَّلَا ضَعِيْفًا مِّنْ خَلْقِكَ وَلَا

۽ ڪنهن انسان ۽ ڪنهن ضعيف ۽ ڪنهن حسد ڪندڙ

شَدِيْدًا وَّلَا بَآرًّا وَّلَا فَاجِرًا وَّلَا عَنِيْدًا وَّلَا

۽ ڪنهن نيڪوڪار ۽ ڪنهن بدڪار يا ڪنهن باغي

عَنِيْدًا ۝ اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ فَاِنِّيْٓ اَشْهَدُ

کي اسان تي مسلط نه ڪر. اي منهنجا الله بيشڪ آئون توکان سوال ڪريان ٿو ۽ آئون تنهنجي شاهدي

اَنَّكَ اَنْتَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ الْوَاحِدُ

ڏيان ٿو ته بيشڪ تون ئي الله آهين، ڪو به معبود توکان سواءِ ناهي تون واحد ۽

الْاَحَدُ الصَّمَدُ الَّذِيْ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ وَلَمْ

احد ۽ صمد آهين ۽ تو مان ڪو به پيدا نه ٿيو آهي ۽ نه تون ڪنهن مان پيدا ٿيو آهين ۽

يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ يَا هُوَ يَا مَنْ لَّا هُوَ اِلَّا هُوَ يَا مَنْ

نه ڪو تنهنجو برابري آهي. تون ئي تون آهين ۽ توکان سواءِ هيو

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يَا اَزَلِيُّ يَا اَبَدِيُّ يَا دَهْرِيُّ يَا دَيْمُوْمِيُّ

ڪو به ناهي، اي اهڙا مقدس ذات جيڪا ازل کان ابد تائين آهي اي هميشه ۽ دائم رهڻ

يَا مَنْ هُوَ الْحَيُّ الَّذِىْ لَا يَمُوْتُ يَا اِلٰهَنَا وَ

واري مقدس هستي، اي اها مقدس هستي جيڪا هميشه زنده آهي ۽ اُن کي فنا ناهي، اي اسان جا الله

اِلٰهَ كُلِّ شَىْءٍ اِلٰهًا وَّاحِدًا لَّآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ ○

۽ الله هر شيءِ جا، تون اڪيلو معبود آهين توکان سواءِ ٻيو ڪو به معبود ناهي.

اَللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ عٰلِمَ الْغَيْبِ

اي منهنجا الله تون آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪندڙ آهين ۽ تون غيب ۽ حاضر کي

وَالشَّهَادَةِ الرَّحْمٰنَ الرَّحِيْمَ الْحَيَّ الْقَيُّوْمَ

جاڻندڙ نهايت مهربان ۽ ٻاجهارو آهين. تون زنده ۽ ڪائنات کي قائم رکندڙ آهين

الدَّيَّانَ الْحَنَّانَ الْمَنَّانَ الْبَاعِثَ الْوَارِثَ

تون ديان تون حنان تون منان تون باعث تون وارث

ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ ○ قُلُوْبُ الْخَلَائِقِ بِيَدِكَ

۽ تون وڏي جاه ۽ جلال وارو آهين. تنهنجي دستِ قدرت ۾ مخلوق جون

نَوَاصِيْهِمْ اِلَيْكَ فَاَنْتَ تَزْرَعُ الْخَيْرَ فِىْ

دليون ۽ پيشانيون آهن ۽ حقيقت ۾ تون انهن دلين ۾ خير ۽ شر

قُلُوْبِهِمْ وَتَمْحُوا الشَّرَّ اِذَا شِئْتَ مِنْهُمْ ○

ڪاشت ڪرين ٿو ۽ جنهن وقت توکي گهرجي انهن مان شر ختم ڪرين ٿو.

ل تفسير روح المعاني.

فَاَسْئَلُكَ اللّٰهُمَّ اَنْ تَمْحُوَ مِنْ قَلْبِيْ كُلَّ

پوءِ يا الله! آءٌ توکان اهو سوال ڪريان ٿو ته تون منهنجي دل تان هر اهڙي شيءِ ختم

شَيْءٍ تَكْرَهُهٗ وَاَنْ تَحْشُوَ قَلْبِيْ مِنْ خَشْيَتِكَ

ڪري ڇڏ جيڪا توکي نه ٿي وڻي ۽ تون منهنجي دل کي پنهنجي خوف

وَمَعْرِفَتِكَ وَرَهْبَتِكَ وَالرَّغْبَةَ فِيْمَا عِنْدَكَ

۽ معرفت ۽ محبت ۽ رغبت سان ڀري ڇڏ، اهو سڀ تو وٽ آهن

وَالْاَمْنَ وَالْعَافِيَةَ وَاعْطِفْ عَلَيْنَا بِالرَّحْمَةِ

۽ آءٌ توکان امن ۽ عافيت ۽ رحمت ۽

وَالْبَرَكَةِ مِنْكَ وَاَلْهِمْنَا الصَّوَابَ وَالْحِكْمَةَ ○

برڪت طلب ڪريان ٿو ۽ مون کي صراط مستقيم ۽ حڪمت عطا ڪر.

فَنَسْئَلُكَ اللّٰهُمَّ عِلْمَ الْخَآئِفِيْنَ وَاِنَابَةَ

پوءِ يا الله! اسين توکان ڊڄندڙ ماڻهن جيترو ڊپ ۽ مسڪيني جيتري

الْمُخْبِتِيْنَ وَاِخْلَاصَ الْمُوْقِنِيْنَ وَشُكْرَ

آزي نيازي، ۽ يقين رکندڙ جيترو يقين ۽ صبر ڪندڙن جيترو

الصَّابِرِيْنَ وَتَوْبَةَ الصِّدِّيْقِيْنَ ○ وَنَسْئَلُكَ

صبر ۽ سچن ماڻهن جيتري توبه توکان طلب ڪريون ٿا ۽ اسين توکان دعا گهرون ٿا

اَللّٰهُمَّ بِنُوْرِ وَجْهِكَ الَّذِيْ مَلَأَ اَرْكَانَ

تہ اي منهنجا الله تنهنجي مقدس ذات جي نور سان عرش عظيم جا ڪنارا پُر نور

عَرْشِكَ اَنْ تَنْزِعَ فِيْ قَلْبِيْ مَعْرِفَتَكَ حَتّٰى

ٿي ويا آهن تون منهنجي دل ۾ پنهنجي معرفت پيدا ڪر ايستائين

اَعْرِفَكَ حَقَّ مَعْرِفَتِكَ كَمَا يَنْبَغِيْ اَنْ تُعْرَفَ

جو آئون توکي صحيح نموني سان سڃاڻي سگهان جيئنڪ توکي سڃاڻڻ ضروري

بِهٖ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ خَاتَمِ النَّبِيِّيْنَ

آهي ۽ الله تعالىٰ اسان جي سردار محمد ڪريم تي صلوٰة ۽ سلام موڪلي رهيو آهي ۽

وَاِمَامِ الْمُرْسَلِيْنَ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلَّمَ

ياڻ خاتم النبيين ۽ امام المرسلين آهن ۽ سندن اولاد ۽ اصحابن تي به الله تعالىٰ سلام

تَسْلِيْمًا وَّالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝

۽ سلام موڪلي رهيو آهي ۽ سڀني تعريفون الله لاءِ آهن جيڪو رب آهي جهانن جو

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِمُؤَلِّفِهٖ وَارْحَمْهُ وَاجْعَلْهُ

اي منهنجا الله تون هن ڪتاب جي مصنف کي بخش ڪر ۽ ان تي رحم ڪر ۽ ان کي

مِنَ الْمَحْشُوْرِيْنَ فِيْ زُمْرَةِ النَّبِيِّيْنَ وَ

قيامت جي ڏينهن ان جماعت مان ڪري اٿار جنهن ۾ نبي ۽

الصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصَّالِحِيْنَ

صديق ۽ شهيد ۽ صالح هوندا

بِفَضْلِكَ يَارَحْمٰنُ ○ وَاغْفِرِ اللّٰهُمَّ لَنَا وَ

يا الله اهو تنهنجو فضل ٿيندو ۽ يا الله تون اسان کي بخش ڪر ۽

لِوَالِدِيْنَا وَلِاُسْتَاذِيْنَا وَلِمَشَآئِخِنَا وَلِجَمِيْعِ

اسان جي ڀيءُ ماءُ کي بخش ڪر ۽ اسان جي مرشدن کي بخش ڪر ۽ سڀني

الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ

مؤمنن ۽ مؤمنيائين ۽ مسلمان مردن ۽ عورتن

الْاَحْيَآءِ مِنْهُمْ وَالْاَمْوَاتِ بِرَحْمَتِكَ يَا

کي بخش ڪر جن مان ڪي زنده آهن ۽ ڪن جو وصال ٿيو آهي، يا ارحم الراحمين

اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ○ وَاَنْ تَتُوْبَ عَلَيْهِ اِنَّكَ

اها تنهنجي رحمت ٿيندي. ۽ تون مٿن احسان ڪر بيشڪ تون

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ○ اَللّٰهُمَّ اٰمِيْنَ يَارَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ○

بخشيندڙ ٻاجهارو آهين. اي منهنجا الله تون منهنجي دعا قبول ڪر يارب العٰلمين.

ثُمَّ تَقْرَأُ هٰذِهِ الْكَلِمَاتِ اَرْبَعَةَ عَشَرَ مَرَّةً

ان کان پوءِ پڙهندڙ هي صلوٰة سڳوري چوڏهن ١٤ دفعا

وَهِيَ هٰذِهٖ ۝ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى بَدْرِ التَّمَامِ ۝

پڙهي . اي منهنجا الله تون صلوٰة موڪل ان نبيءَ تي جيڪي چوڏهين جا چنڊ آهن .

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى نُوْرِ الظَّلَامِ ۝ اَللّٰهُمَّ

اي منهنجا الله تون صلوٰة موڪل اُن نبيءَ تي جيڪي اونداهي ۾ سوجهرو آهن . اي منهنجا الله تون صلوٰة

صَلِّ عَلٰى مِفْتَاحِ دَارِ السَّلَامِ ۝ اَللّٰهُمَّ

موڪل اُن نبيءَ تي جيڪي بهشت جو دروازو کوليندڙ آهن . اي منهنجا الله تون صلوٰة

صَلِّ عَلَى الشَّفِيْعِ فِيْ جَمِيْعِ الْاَنَامِ ۝ ثُمَّ

موڪل اُن نبيءَ تي جيڪي سڀني ماڻهن جي شفاعت ڪندڙ آهن . ان کان پوءِ

تُقْرَاُ هٰذِهِ الْاَبْيَاتُ الْمَنْسُوْبَةُ لِلْمُؤَلِّفِ

هي بيت پڙهيا وڃن جيڪي مصنف جا چيل آهن :

يَا رَحْمَةَ اللّٰهِ اِنِّيْ خَائِفٌ وَّجِلٌ ۝

يا الله ، بيشڪ آئون تو کان خوف ڪندڙ ۽ ڊڄندڙ آهيان .

يَا نِعْمَةَ اللّٰهِ اِنِّيْ مُفْلِسٌ عَانٍ ۝

يا الله ، بيشڪ آئون مفلس ۽ عاجز آهيان .

وَلَيْسَ لِيْ عَمَلٌ اَلْقَى الْعَلِيْمَ بِهٖ ۝

يا الله ، مون وٽ اهڙو ڪو به عمل ناهي جيڪو تنهنجي دربار ۾ پيش ڪريان .

سِوٰى مَحَبَّتِكَ الْعُظْمٰى وَاِيْمَانِيْ ○

سواءِ تنهنجي محبت ۽ ايمان جي جيڪي تمام وڏا آهن .

فَكُنْ اَمَانِيْ مِنْ شَرِّ الْحَيٰوةِ وَمِنْ ○

يا الله ، تون مون کي جيئڻ ۽ مرڻ جي شر کان محفوظ رک .

شَرِّ الْمَمَاتِ وَمِنْ اِحْرَاقِ جُثْمَانِيْ ○

يا الله تون منهنجي جسم کي باهه کان محفوظ رک .

وَكُنْ غِنَاءَ الَّذِيْ مَا بَعْدَهٗ فَلَسٌ ○

يا الله تون مون کي اهڙو غني ڪر جنهن کان پوءِ مسڪيني نه اچي .

وَكُنْ فَكَاكِيْ مِنْ اَغْلَالِ عِصْيَانِيْ ○

يا الله تون مون کي منهنجن گناهن کان آزاد ڪر .

تَحِيَّةُ الصَّمَدِ الْمَوْلٰى وَرَحْمَتُهٗ ○

يا الله تنهنجون صلواتون ۽ رحمتون رسول عربي ﷺ تي ايستائين نازل ڪر.

مَا غَنَّتِ الْوُرْقُ فِيْ اَوْرَاقِ اَغْصَانٍ ○

جيستائين پکي وڻن تي ٻوليون ڪن ٿا .

عَلَيْكَ يَا عُرْوَتِي الْوُثْقٰى وَيَا سَنَدِيْ ○

يا رسول الله تون ئي انسان لاءِ مضبوط سند آهين .

اَلَا وَفِیْ وَمَنْ مَّدْحُهٗ رَوْحِیْ وَرَيْحَانِیْ ○

يارسول الله درحقيقت تنهنجي تعريف منهنجي لاءِ تازگي ۽ خوشبوءِ آهي.

ثُمَّ تَقْرَءُ الْفَاتِحَةَ لِلْمُؤَلِّفِ وَهٰذَا الدُّعَآءُ

ان کان پوءِ ڪتاب جي مصنف لاءِ فاتحه شريف پڙهي وڃي ۽ دلائل الخيرات

يُقْرَاُ عَقِيْبَ خَتْمِ دَلَآئِلِ الْخَيْرٰتِ

جي اختتام تي هيءَ دعا پڙهي وڃي.

دُعَاءِ اِخْتِتَام

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُمَّ اشْرَحْ بِالصَّلٰوةِ عَلَيْهِ صُدُوْرَنَا ○

اي منهنجا الله تون صلوٰة سڳوري پڙهڻ جي طفيلي اسان جي سينن کي ڪشادو فرماءِ.

وَيَسِّرْ بِهَآ اُمُوْرَنَا ○ وَفَرِّجْ بِهَا هُمُوْمَنَا ○

۽ صلوٰة جي صدقي اسان جا ڪم آسان ڪر. ۽ صلوٰة جي صدقي اسان جون تڪليفون دور ڪر.

وَاكْشِفْ بِهَا غُمُوْمَنَا ○ وَاغْفِرْ بِهَا

۽ صلوٰة جي صدقي اسان جا غم ختم ڪر. ۽ صلوٰة جي وسيلي اسان جا گناهه

ذُنُوْبَنَا ○ وَاقْضِ بِهَا دُيُوْنَنَا ○ وَاَصْلِحْ

بخش فرماءِ. ۽ صلوٰة جي برڪت سان اسان جا قرض ختم ڪر. ۽ صلوٰة جي صدقي

ٺه هيءَ دعا وقت جي ڪامل ولي حضرت احمد تيجاني رحمة الله عليه جي ٺڪيل آهي ۽ پاڻ حضرت شاهه ولي الله دهلوي رحمة الله عليه جا مرشد ٿي رهيا آهن.

بِهَا اَحْوَالَنَا ۝ وَبَلِّغْ بِهَا اٰمَالَنَا ۝ وَتَقَبَّلْ

اسان جي حالت درست ڪر. ۽ صلوٰة جي ڪري اسانجون اميدون پوريون ڪر. ۽ صلوٰة جي طفيل

بِهَا تَوْبَتَنَا ۝ وَاغْسِلْ بِهَا حُوْبَتَنَا ۝

اسانجي توبه قبول ڪر. ۽ صلوٰة جي معرفت اسان جا گناه ختم ڪر.

وَانْصُرْ بِهَا حُجَّتَنَا ۝ وَطَهِّرْ بِهَا اَلْسِنَتَنَا ۝

۽ صلوٰة جي صدقي اسانجي حجت پوري ڪر. ۽ صلوٰة جي صدقي اسانجي زبان کي پاڪ ڪر.

وَاٰنِسْ بِهَا وَحْشَتَنَا ۝ وَارْحَمْ بِهَا غُرْبَتَنَا ۝

۽ صلوٰة جي ڪري اسانجي اڪيلائي ختم ڪر. ۽ صلوٰة جي ڪري اسانجي غربت تي رحم ڪر.

وَاجْعَلْهَا نُوْرًا بَيْنَ اَيْدِيْنَا وَمِنْ خَلْفِنَا ۝

۽ صلوٰة جي صدقي اسان جي اڳيان ۽ پويان نور پيدا ڪر.

وَعَنْ اَيْمَانِنَا وَعَنْ شَمَآئِلِنَا ۝ وَمِنْ

۽ اسان جي سڄي پاسي ۽ اسان جي کٻي پاسي نور پيدا ڪر. ۽ اسان جي

فَوْقِنَا وَمِنْ تَحْتِنَا ۝ وَفِيْ حَيَاتِنَا وَمَوْتِنَا ۝

مٿان ۽ اسان جي هيٺان ۽ اسان جي حياتي ۾ ۽ اسان جي وفاتي ۾ نور پيدا ڪر.

وَفِيْ قُبُوْرِنَا وَحَشْرِنَا وَنَشْرِنَا وَظِلًّا فِيْ

۽ اسان جي قبر ۾ ۽ اسان جي حشر ۾ ۽ اسان جي نشر ۾ ۽ قيامت جي ڏينهن

الْقِيٰمَةِ عَلٰى رُءُوْسِنَا ۝ وَثَقِّلْ بِهَا مَوَازِيْنَ

اسان کي چانئ ۾ بيهار ۽ اسان جي نيڪين جو وزن

حَسَنَاتِنَا ۝ وَاَدِمْ بَرَكَاتِهَا عَلَيْنَا حَتّٰى

زياده ڪر. ۽ اسان کي صلواة جي ڪري اهڙا برڪت عطا ڪرجو اسان

نَلْقٰى نَبِيَّنَا وَسَيِّدَنَا مُحَمَّدًا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ

پنهنجي نبي ۽ سردار محمّد ڪريم صلى الله عليه و آله وسلم سان ملاقات

وَعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلَّمَ وَنَحْنُ اٰمِنُوْنَ مُطْمَئِنُّوْنَ

ڪريون ۽ اسين مؤمن ۽ مطمئن هجون،

فَرِحُوْنَ مُسْتَبْشِرُوْنَ ۝ وَلَا تُفَرِّقْ بَيْنَنَا وَ

۽ اسين انهيءَ وقت خوش ۽ خورم هجون، ۽ تون پاڻ ڪريمن ۽ اسان جي وچ ۾

بَيْنَهٗ حَتّٰى تُدْخِلَنَا مُدْخَلَهٗ وَتُؤْوِيَنَا اِلٰى

ڪا به جدائي نه ڪر ايتري قدر جو اسين به انهيءَ جاءِ تان داخل ٿيون جتان

جِوَارِهِ الْكَرِيْمِ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ

پاڻ ڪريم داخل ٿيندا ۽ تون اسان کي سندن نعمت عطا ڪر انهن ماڻهن سان گڏجن تي تو

مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ

نعمت ڪئي آهي، نبين مان، صديقن مان ۽ شهيدن مان

وَالصَّالِحِيْنَ وَحَسُنَ أُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا ۝

۽ صالحن مان ۽ اهي بهترين رفيق آهن .

اَللّٰهُمَّ اِنَّا اٰمَنَّا بِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

اي منهنجا الله اسان ٻانهن ڪريمن صلي الله عليه وآله وسلم تي ايمان آندو آهي

وَلَمْ نَرَهُ فَمَتِّعْنَا اَللّٰهُمَّ فِي الدَّارَيْنِ

پر اسان ظاهر ۾ اسان زيارت نه ڪئي آهي، اي منهنجا الله هاڻي هن دنيا ۽ آخرت ۾

بِرُؤْيَتِهٖ وَثَبِّتْ قُلُوْبَنَا عَلٰى مَحَبَّتِهٖ ۝

اسان کي سندن ديدار فرحت آثار ڪراءِ ۽ اسان جي دلين ۾ ٻانهن ڪريمن جي محبت پيدا ڪر،

وَاسْتَعْمِلْنَا عَلٰى سُنَّتِهٖ ۝ وَتَوَفَّنَا عَلٰى

۽ اسان کي سندن سُنّت تي عمل جي توفيق عطا ڪر ۽ اسان کي سندن دين تي

مِلَّتِهٖ ۝ وَاحْشُرْنَا فِيْ زُمْرَتِهِ النَّاجِيَةِ وَ

وفات ڪراءِ ۽ (قيامت ۾) اسان کي سندن جماعت ۾ اُٿاري جيڪا نجات ۽

حِزْبِهِ الْمُفْلِحِيْنَ ۝ وَانْفَعْنَا بِمَا انْطَوَتْ

ڪاميابي واري جماعت آهي. ۽ يا الله تون اسان کي ٻانهن ڪريمن صلي الله عليه

عَلَيْهِ قُلُوْبُنَا مِنْ مَحَبَّتِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ

وآله وسلم سان دلي محبت جو فائدو قيامت جي ڏينهن

وَسَلَّمَ يَوْمَ لَا جَدَّ وَلَا مَالَ وَلَا بَنِيْنَ ○

عطا ڪر جنهن ڏينهن ڪو به مال متاع ۽ اولاد نفعو ڏيئي نه سگهندو.

وَاَوْرِدْنَا حَوْضَهُ الْاَصْفٰی ○ وَاسْقِنَا بِكَاسِهِ

۽ اسان کي سندن حوض ڪوثر تي پهچائجان ۽ ۽ اسان کي سندن پيالي مبارڪ

الْاَوْفٰی ○ وَيَسِّرْ عَلَيْنَا زِيَارَةَ حَرَمِكَ وَحَرَمِهٖ

مان آب ڪوثر پياج. ۽ اسان کي مرڻ کان اڳ پنهنجي حرم بيت الله ۽ حرم نبوي

مِنْ قَبْلِ اَنْ تُمِيْتَنَا ○ وَاَدِمْ عَلَيْنَا الْاِقَامَةَ

(صلي الله عليه وسلم) جي زيارت نصيب ڪر. ۽ اسان کي حرم بيت الله ۽ حرم نبوي

بِحَرَمِكَ وَحَرَمِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

(صلي الله عليه وسلم) ۾ مستقل رهائش، مرڻ گهڙي تائين

اِلٰٓى اَنْ نُتَوَفّٰی ○ اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْتَشْفِعُ بِهٖ

عطا ڪر. اي منهنجا الله بيشڪ اسين تنهنجي دربار ۾ رسول عربي

اِلَيْكَ اِذْ هُوَ اَوْجَهُ الشُّفَعَآءِ اِلَيْكَ ○ وَنُقْسِمُ

جي سفارش وٺون ٿا ڇو ته اهو توکي سڀ کان بهترين سفارشي آهي ۽ اسين رسول عربي

بِهٖ عَلَيْكَ اِذْ هُوَ اَعْظَمُ مَنْ اُقْسِمَ بِحَقِّهٖ

جو قسم تنهنجي دربار ۾ وجهون ٿا ڇو ته اهو تنهنجي دربار ۾ عظيم قسم

عَلَيْكَ ۝ وَنَتَوَسَّلُ بِهٖۤ اِلَيْكَ اِذْ هُوَ اَقْرَبُ

آهي. ۽ اسين تنهنجي دربار ۾ رسول عربي ﷺ جو وسيلو پيش ڪريون ٿا جو ته تنهنجي

الْوَسَآئِلِ اِلَيْكَ ۝ نَشْكُوْآ اِلَيْكَ يَا رَبِّ

دربار ۾ اهو نهايت مقرب وسيلو آهي. يا الله اسين تنهنجي دربار ۾ پنهنجي دل

قَسْوَةَ قُلُوْبِنَا ۝ وَكَثْرَةَ ذُنُوْبِنَا ۝ وَطُوْلَ

جي سياه ٿيڻ ۽ گناهن ۾ وڌي وڃڻ ۽ اُميدن ۾

اٰمَالِنَا ۝ وَفَسَادَ اَعْمَالِنَا ۝ وَتَكَاسُلِنَا عَنِ

ڊگهو ٿيڻ ۽ عملن ۾ ڪوتاهي ٿيڻ ۽ عبادت ۾ سستي

الطَّاعَاتِ ۝ وَهُجُوْمِنَا عَلَى الْمُخَالَفَاتِ ۝

ڪرڻ ۽ خراب عملن ۾ واڌاري جي شڪايت ڪريان ٿو.

فَنِعْمَ الْمُشْتَكٰى اِلَيْهِ اَنْتَ يَا رَبِّ بِكَ نَسْتَنْصِرُ

پوءِ واقعي تون يا الله بهترين شڪايت ٻڌندڙ آهين، اسين تنهنجي مدد

عَلٰى اَعْدَآئِنَا ۝ وَاَنْفُسِنَا فَانْصُرْنَا ۝ وَعَلٰى

سان دشمنن تي فاتح ٿيڻ ۽ نفس تي غالب ٿيڻ جي دعا گهرون ٿا پوءِ تون اسان جي مدد ڪر ۽

فَضْلِكَ نَتَوَكَّلُ فِيْ صَلَاحِنَا فَلَا تَكِلْنَآ

اسين تنهنجي فضل تي توڪل ڪريون ٿا اسان جي سڌاري جي ڪمن ۾ پوءِ يا الله تون اسان کي پنهنجي

إِلٰى غَيْرِكَ يَا رَبَّنَا ۝ اَللّٰهُمَّ وَإِلٰى جَنَابِ

فضل کان پري نہ ڪر. اي منهنجا الله اسين تنهنجي حبيب

رَسُوْلِكَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَنْتَسِبُ

ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم سان نسبت رکون ٿا، پوءِ تون

فَلَا تُبَعِّدْنَا ۝ وَبِبَابِكَ نَقِفُ فَلَا تَطْرُدْنَا ۝

اسان کي پري نہ ڪر. ۽ اسين تنهنجي در تي بيٺا آهيون تون اسان کي پري نہ ڪر.

وَإِيَّاكَ نَسْئَلُ فَلَا تُخَيِّبْنَا ۝ اَللّٰهُمَّ ارْحَمْ

۽ اسين خاص توکان سوال ڪريون ٿا پوءِ تون اسان کي نا اميد نہ ڪر. اي منهنجا الله اسان جي تڪليف

تَضَرُّعَنَا وَاٰمِنْ خَوْفَنَا ۝ وَتَقَبَّلْ اَعْمَالَنَا

تي رحم ڪر ۽ اسان کي خوف کان بچاءِ. ۽ اسان جا نيڪ عمل قبول فرماءِ

وَاَصْلِحْ اَحْوَالَنَا ۝ وَاجْعَلْ بِطَاعَتِكَ

۽ اسان جي سڀني حالتن کي درست ڪر. ۽ اسان کي تون پنهنجي عبادت ۾

اِشْتِغَالَنَا ۝ وَاِلَى الْخَيْرِ مَاٰلَنَا ۝ وَحَقِّقْ

مشغول رک. ۽ اسان کي خير جي توفيق عطا ڪر. ۽ اسان کي بهترين

بِالزِّيَادَةِ اٰمَالَنَا ۝ وَاخْتِمْ بِالسَّعَادَةِ اٰجَالَنَا ۝

نعمتون عطا ڪر ۽ اسان جو خاتمو بالخير ڪر.

هٰذَا ذُلُّنَا ظَاهِرٌ بَيْنَ يَدَيْكَ وَحَالُنَا لَا

هي اسانجو ظاهري حال تنهنجي اڳيان آهي ۽ اسان جو باطني حال ب تنهنجي اڳيان

يَخْفٰى عَلَيْكَ ○ اَمَرْتَنَا فَتَرَكْنَا ○ وَنَهَيْتَنَا

مخفي ناهي . تو امر ڪيا ۽ اسان اُهي ڇڏي ڏنا، ۽ تو منع فرمائي ۽

فَارْتَكَبْنَا ○ وَلَا يَسَعُنَآ اِلَّا عَفْوُكَ ○ فَاعْفُ

اسان اُهي ڪم ڪيا ۽ هاڻي تنهنجي بخشش جي گهڻي ضرورت آهي . پوءِ يا الله

عَنَّا يَا خَيْرَ مَاْمُوْلٍ ○ وَاَكْرَمَ مَسْئُوْلٍ ○ اِنَّكَ

تون اسان کي معاف ڪر ۽ تون وڏي سوال قبول ڪندڙ آهين . بيشڪ تون

عَفُوٌّ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ يَآ اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ ○ وَصَلَّى

معاف ڪندڙ غفور رحيم آهين يا ارحم الرّاحمين . ۽ الله تعالىٰ

اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَ

اسانجي سردار محمّد ڪريم ۽ سندن آل ۽ اولاد تي هميشه صلوٰة ۽ سلام

سَلَّمَ تَسْلِيْمًا وَّالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ○

موڪلي رهيو آهي ۽ آخر ۾ سڀئي تعريفون الله لاءِ آهن جيڪو رب آهي جهانن جو.

رَبِّ اخْتِمْ بِالْخَيْرِ

ختم ٿيو خير سان .

انتخاب

از قصيده برده شريف

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ مُنْشِي الْخَلْقِ مِنْ عَدَمٍ

سڀ تعريفون الله تعاليٰ لاءِ آهن جنهن نه هجڻ مان مخلوق کي پيدا ڪيو

ثُمَّ الصَّلٰوةُ عَلَى الْمُخْتَارِ فِي الْقِدَمِ

اُن کان پوءِ رسول عربي تي صلوٰتون هجن جيڪي پهرين کان صاحب اختيار آهن

مَوْلَايَ صَلِّ وَسَلِّمْ دَائِمًا اَبَدًا

اي منهنجا الله تون هميشه هميشه صلوٰتون موڪل

عَلٰى حَبِيْبِكَ خَيْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

پنهنجي حبيب ڪريم تي جيڪي سموري مخلوق کان بهتر آهن

وَكَيْفَ تَدْعُوْا اِلَى الدُّنْيَا ضَرُوْرَةُ مَنْ

ڪهڙي ضرورت رسول عربي کي دُنيا ڏانهن متوجه ڪري سگهي ٿي

لَوْلَاهُ لَمْ تَخْرُجِ الدُّنْيَا مِنَ الْعَدَمِ

جو جيڪڏهن رسول عربي نه هجن ها ته دنيا ئي نه پيدا ٿئي ها

مُحَمَّدٌ سَيِّدُ الْكَوْنَيْنِ وَالثَّقَلَيْنِ

رسول عربي ٻنهي جهانن ۽ جنن ۽ انسانن جا سردار آهن

وَالْفَرِيقَيْنِ مِنْ عَرَبٍ وَّمِنْ عَجَمِ

۽ پاڻ عربن ۽ عجمن جا سردار آهن

هُوَالْحَبِيْبُ الَّذِيْ تُرْجٰى شَفَاعَتُهٗ

رسول عربي الله جا اهي حبيب آهن جن جي شفاعت جي اميد آهي

لِكُلِّ هَوْلٍ مِّنَ الْاَهْوَالِ مُقْتَحِمِ

هر خوف ۽ خطري کان جيڪي سامهون ايندڙ آهن

فَاقَ النَّبِيِّيْنَ فِيْ خَلْقٍ وَّفِيْ خُلُقٍ

رسول عربي تخليق ۽ اخلاق ۾ ٻين پيغمبرن تي فوقيت رکن ٿا

وَلَمْ يُدَانُوْهُ فِيْ عِلْمٍ وَّلَا كَرَمِ

۽ ڪو به پيغمبر رسول عربيؐ جي علم ۽ ڪرم کي پهچي نه سگهيو

فَهُوَالَّذِيْ تَمَّ مَعْنَاهُ وَصُوْرَتُهٗ

پوءِ رسول عربي تي (الله تعالىٰ جا) ظاهري ۽ باطني ڪمالات مڪمل ٿيا

ثُمَّ اصْطَفَاهُ حَبِيْبًا بَارِئُ النَّسَمِ

ان کان پوءِ الله تعالىٰ کين پنهنجو برگزيده حبيب بڻايو

فَإِنَّ فَضْلَ رَسُوْلِ اللّٰهِ لَيْسَ لَهٗ

پوءِ بيشڪ رسولِ عربي ﷺ جي فضائل جي ڪا حد نا آهي

حَدٌّ فَيُعْرِبَ عَنْهُ نَاطِقٌ بِفَمِ

جو تعريف ڪندڙ پنهنجي وات سان اُن کي بيان ڪري سگهي

لَا طِيْبَ يَعْدِلُ تُرْبًا ضَمَّ أَعْظُمَهٗ

جيڪا مِٽي رسولِ عربي ﷺ جي جسم کي لڳل آهي اُن جي مقابلي ۾ ڪا خوشبوءِ نا آهي

طُوْبٰى لِمُنْتَشِقٍ مِّنْهُ وَمُلْتَثِمِ

مبارڪ آهي اُن ماڻهوءَ کي جنهن اُن مِٽيءَ کي سونگهيو ۽ چُمي ڏني

يَا أَكْرَمَ الْخَلْقِ مَا لِيْ مَنْ أَلُوْذُ بِهٖ

يا رسول الله، توهان کان سواءِ منهنجو اهڙو ڪوبه نا آهي.

سِوَاكَ عِنْدَ حُلُوْلِ الْحَادِثِ الْعَمَمِ

جنهن کان آئون وڏن حادثن وقت پناهه وٺان

فَإِنَّ مِنْ جُوْدِكَ الدُّنْيَا وَضَرَّتَهَا

پوءِ بيشڪ توهان جي سخا سان دنيا ۽ آخرت آهي

وَمِنْ عُلُوْمِكَ عِلْمَ اللَّوْحِ وَالْقَلَمِ

۽ لوح قلم به توهان جي علم جو ڪجهه حصو آهي

ثُمَّ الرِّضَا عَنْ اَبِیْ بَكْرٍ وَّعَنْ عُمَرٍ

ان کان پوءِ الله تعالیٰ راضي آهي حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر کان

وَّعَنْ عَلِيٍّ وَّعَنْ عُثْمَانَ ذِی الْكَرَمِ

۽ حضرت عثمان ۽ حضرت علي کان جيڪي پلارا آهن (رضي الله عنهم)

فَاغْفِرْ لِنَاشِدِهَا وَاغْفِرْ لِقَارِئِهَا

پروردگار منهنجا رب تون هن قصيدي جي ناهيندڙ ۽ پڙهندڙ کي بخش ڪر

سَأَلْتُكَ الْخَيْرَ يَاذَا الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ

يا الله آئون تو کان خير جو سوالي آهيان

انتخاب ۽ ترجمو ڪندڙ:

عبدالوحيد سرهندي

عفي عنه

هَديَ صلوٰة وَ سلام بَحضور سيّدُ الأنبياءِ وَالمُرسلين

صلي الله تعاليٰ عليہ و آلہ وسلم

يا محمد مصطفيٰ توتي صلواتون ۽ سلام — يا حبيب ڪبريا، توتي صلواتون ۽ سلام
رات ڏينهن شام و سَحَر هر وقت ۽ هر هنڌ ۾ — منهنجي طرفان هر مهل، توتي صلواتون ۽ سلام
حَق تعاليٰ ۽ فرشتا موڪلين ٿا هر زمان — يا رسولِ مجتبيٰ، توتي صلواتون ۽ سلام
حڪم آهي مؤمن هردم پڙهن توتي صلوات — دل جي عقيدت سان سدا، توتي صلواتون ۽ سلام
دل جي صداقت سان سدا مؤمن پڙهن ٿا هر زمان — يا شفيع المذنبين، توتي صلواتون ۽ سلام
صاحبِ لَولاکَ سائين مالکِ مختار ڪُل — رَحمةً لِلعٰلَمين، توتي صلواتون ۽ سلام
ساراهه تنهنجي جابجا واڪان ڪئي ربُ العُلي — سارو قرآن آهي گواهه، توتي صلواتون ۽ سلام
اعليٰ ٿيو تنهنجو ذِڪر ۽ خاص تنهنجي شان ۾ — ڪولي پڙهون قرآن کي، توتي صلواتون ۽ سلام
تنهنجي شفاعت عام ٿي آهي سڀن اميد هي — بخشجي ويندا سڀئي، توتي صلواتون ۽ سلام
نور تنهنجي مان خدا پيدا ڪيو سارو جهان — ناهين مِثل تون ڪنهن بشر، توتي صلواتون ۽ سلام
دربار رب جي ۾ سدا تنهنجو وسيلو ٿا ولون — بي ڪسن جا پرجهلا، توتي صلواتون ۽ سلام
مؤمن کي ساهه کان ويجهو آهي عربي رسول — فرمان ٿيو مالکِ جهان، توتي صلواتون ۽ سلام
چئني صحابين تي سدا رحمت آهي رَحمان جي — ۽ اهل بيت تي سدا، توتي صلواتون ۽ سلام
هرهڪ صحابي بي مثل ثاني ڌرتي جو ڪو اصل — ۽ نيڪ اُمت تي سدا، توتي صلواتون ۽ سلام
علم توکي سڀ عطا ڪيا رب پنهنجي فضل سان — احسان ٿيو الله جو، توتي صلواتون ۽ سلام
عرض آهي عبدَ جو مون کي گهرائي مُصطفيٰ — مُلڪ پنهنجي ۾ سدا، توتي صلواتون ۽ سلام

من جانب: عبده عبدالوحيد سرهندي

وما ارسلناك الا رحمة للعالمين

التجا بدرگاه رب العالمين بوسيلهٔ جليله

يعني

به اسماءِ مبارڪ حضرات مجدديه نقشبنديه

از حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه تا حضرت غلام علي جان سرهندي رحمة الله عليه

احمدُ اسانجو مصطفىٰ صديقُ اسان جو اتقيا — سلمانُ اسانجو مقتدا قاسم اسان جو رهنما

جعفر اسانجو اصفيا طيفور اسان جو اولياء — بوالحسن اسانجو حق نما بوعلي هو پيشوا

يوسف اسانجو بي مثل ۽ غجدواني هو امام — عارف اسانجو بي مثل محمود هو شمس الهدىٰ

راميتني آهي ولي بابا سماسي هو قطب — مير ڪلال آهي سخي بهاءُ دين هو بدر الهدىٰ

يعقوب هو غوث الزمان احرار هو قطب الورىٰ — زاهد آهي قطب الزمان درويش هو فيض الهدىٰ

رهبر اسانجو امڪنگي باقي بالله هو باليقين — مجدد اسانجو مهربان معصوم هو نور الهدىٰ

صبغة الله بي رياءِ شاه اسمٰعيل شهيد — معصوم ثاني مه لقا شاه محمد باصفا

آهي صفي الله ولي ۽ شاه فضل الله امام — عبدالقيوم شمس العلىٰ ۽ عبدالرحمٰن اولياء

مرشد منهنجو محمد حسن ۽ شاه آغا باڪمال — آهي غلام علي ولي ۽ والدي نجم الهدىٰ

دعائون منهنجون قبول ڪر تڪليفون سڀ دور ڪر — ياخالق هردوجهان بحرِ محمد مصطفىٰ

من جانب:

عبده عبدالوحيد سرهندي